# سنڌ آرڊيننس نمبر VI مجريه 1973
# SINDH ORDINANCE NO.VI OF 1973
# اولهه پاڪستان لينڊ روينيو (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1973
# THE WEST PAKISTAN LAND REVENUE (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1973
## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XVII جي ڪجهه گنجائشن جي تجديد
Revival of certain provisions of W.P Act XVII of 1967

# سنڌ آرڊيننس نمبر VI مجريه 1973
# SINDH ORDINANCE NO.VI OF 1973
# اولهہ پاڪستان لينڊ روينيو (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1973
# THE WEST PAKISTAN LAND REVENUE (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1973

[28 اپريل 1973]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ باراني ۽ سيلابي زمينن تي لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ باراني ۽ سيلابي زمينن تي لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 (1967 جو اولهہ پاڪستان ايڪٽ XVII) ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 135 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽

1. هن آرڊيننس کي اولهہ پاڪستان لينڊ روينيو (سنڌ

| | |
|---|---|
| ترميم) آرڊيننس، 1973 سڏيو ويندو. | شروعات<br>Short title and commencement |
| 2.اولهہ پاڪستان لينڊ روينيو (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1972 (1972 جو سنڌ ايڪٽ IX) ذريعي اولهہ پاڪستان لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 (1967 جو اولهہ پاڪستان ايڪٽ XVII) ۾ ڪيل ترميون ۽ منسوخي، باراني ۽ سيلابي زمينن جي سلسلي ۾ ڪڏهن بہ نہ ڪيل يا غير موثر بڻايل نہ سمجهيون وينديون.<br>وضاحت: هن آرڊيننس جي مقصدن لاءِ:<br>(i)"باراني زمين" جو مطلب هوندو زمين جي آبادي جيڪا برسات تي ياڙيندڙ هجي؛ ۽<br>(ii) "سيلابي زمين" جو مطلب هوندو زمين جي آبادي جيڪا ٻوڏ جي پاڻي ۽ درياهہ ذريعي ڪئي ويندي هجي. | 1967 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XVII جي ڪجهہ گنجائشن جي تجديد<br>Revival of certain provisions of W.P Act XVII of 1967 |

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**